SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 1987

# SINDH ACT NO.IV OF 1987

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1987

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1987

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 10 جي ذيلي دفعه (2) ۾ ترميم

Amendment in sub section (2) of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ دفعه 58_A جو اضافو

Insertion of section 58_A in Sindh Ordinance XII of 1979

4. 1987 جي سنڌ آرڊيننس I جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance I of 1987

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 1987

# SINDH ACT NO.IV OF 1987

## سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1987

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1987

[3 جون 1987]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 10 جي ذيلي

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو ان جي دفعه 10 ۾، ذيلي دفعه (2) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ

| | |
|---|---|
| هيٺيان شرطيہ بيان شامل ڪيا ويندا: | دفعہ (2) ۾ ترميم |
| “بشرطيڪ وڏيڪ تہ دفعہ 58 تحت ڪائونسل جي خاتمي تي، ڪائونسل جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل شخص يا اختياري دفعہ 58_A مقرر ڪيل ايڊوائزري ڪميٽي جي ڪنهن ميمبر کي مقرر ڪري سگهي ٿي يا جتي اهڙي ڪا ڪميٽي مقرر ڪيل ناهي، تہ ڪو بہ شخص ڪنهن يا وڏيڪ پنچائتن جو چيئرمين مقرر ڪري سگهي ٿي. | Amendment in sub section (2) of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979 |
| بشرطيڪ اهو بہ تہ اقليتي برادري جي پنچائت جو چيئرمين اقليتي برادري جو ميمبر هوندو. | |
| 3. چاڙهايل آرڊيننس ۾، دفعہ 58 کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو: | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ دفعہ 58_A جو اضافو |
| (ايڊوائيزري ڪميٽي) | |
| “58_A. (1) جتي دفعہ 58 جي ذيلي دفعہ (2) تحت ڪو شخص يا اختياري مقرر ڪئي وڃي ٿي، حڪومت اهڙي شخص يا اختياري جي مشوري لاءِ اهڙن ميمبرن تي مشتمل ايڊوائيزري ڪميٽي مقرر ڪري سگهي، جيئن اها مناسب سمجهي. | Insertion of section 58_A in Sindh Ordinance XII of 1979 |
| (2) ايڊوائيزري ڪميٽي اهڙي وقت ۽ اهڙي طريقي گڏجاڻي ڪندي جيئن اهو شخص يا اختياري مناسب سمجهي. | |
| (3) ايڊوائيزري ڪميٽي جو ميمبر حڪومت جي خوشنودي تائين عهدو رکي سگهي ٿو ۽ اهو پنهنجي ميمبر شپ تان | |

حڪومت کي ليٽر ذريعي استعيفيٰ ڏئي سگھي ٿو.

1987 جي سنڌ آرڊيننس I جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance I of 1987

4. سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1987 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.**